INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 3, ISSUE 3 (SI), 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

الاهي بخش اُجڻ
سنڌي پاراٿي درسي ڪتاب ۾ اضافي وسرگن جو اپياس

الاهي بخش اجڻ. پي ايڇ ڊي اسڪالر,ليڪچرر: گورنمينٽ ڪاليج فار انفارميشن ٽيڪنالاجي گرونگر حيدرآباد.
Ujjanelahi@gmail.com

Abstract

In Sindhi linguistics, the classification and instructional presentation of aspirated sounds remain a subject of ongoing debate. While single-letter aspirates (Mufrad Wasrag) such as ٽ, ڦ, ک, and جھ are universally accepted as single phonemic units, primary educational curricula in Sindh continue to treat digraphs—namely نھ, مھ, ٹھ, لھ, and ڑھ—as single "additional aspirates" (Izafi Wasrag). This paper presents a critical analysis of how these digraphs are conceptualized, syllabified, and taught in the standard primary textbook (Sindhi Barano Kitab, Class Prep/1st). By synthesizing early descriptive frameworks (Advani, Kalich Beg, Baloch, Allana) with contemporary instrumental and structural phonetic research (Jetley, Jokhio), this study evaluates the validity of treating these sounds as unitary aspirates versus conjunct consonants (Conjunct Consonants / Murakkab Awaaz). Phonetic analysis of primary vocabulary reveals that in natural speech, these digraphs do not function as single aspirates; rather, the initial consonant carries a silent/stop marker (Sākin / Jazam), closing the preceding syllable, while ھ initiates the subsequent syllable with an active vowel (Mutaharrik). Consequently, current textbook syllabification methods (e.g., teaching Mā-ṇhū instead of Māṇ-hū forماڻھو, or Ku-lho instead of Kul-ho forڪ) misrepresent natural speech rhythms and syllabic boundaries. The paper argues that continuing to teach these digraphs as single aspirates creates orthographic (Suratkhati) and phonological confusion for early learners. It recommends that the Sindh Textbook Board align primary instructional materials with modern phonetic consensus by updating syllabification rules and explicitly preserving terminal vocalic diacritics (ڳالھِ, سُمھہُ) to support standardized pronunciation (Ma'yāri uchār).

Keywords: *Additional Aspirates (Izafi Wasrag), Digraphs, Phonetics, Primary Textbook Curriculum, Sindh Textbook Board, Sindhi Phonology, Syllabification (Hijiey).*

Corresponding Author: الاهي بخش اجڻ
(پي ايڇ ڊي اسڪالر,ليڪچرر: گورنمينٽ ڪاليج فار انفارميشن ٽيڪنالاجي گرونگر حيدرآباد)
Email: Ujjanelahi@gmail.com

1. تعارف

سنڌي ٻولي، جيڪا اسان هاڻي ڳالهايون ٿا ۽ پڙهئون ٿا، سا بنيادي طور ڪيترن ئي خوبين ۽ خصوصيتن سان مالا مال آهي .انهن خوبين ۽ خصوصيتن جو وستار اسان جا ڪيترائي وڏا عالم سڳورا ڪري چڪا آهن . سنڌي ٻوليءَ جي خوبين ۽ خصوصيتن کي نروار ڪندي عالمن سڳورن مستقل پنهنجو نور نچويو آهي، جي انهن جا هتي نالا کڻڻ شروع ڪندس ته هي مقالو انهن جي نالن تائين ئي محدود رهجي ويندو، انڪري انهيءَ کان پاسو ڪندي، هتي صرف سنڌي ٻوليءَ جي مخصوص اضافي وسرڳن جو وچور پيش ڪندس .اضافي وسرڳن تي هينئر تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي، ان تحقيق کي نظر ۾ رکندي، هن مقالي ۾ سنڌي ٻاراڻي درسي ڪتاب ۾ آيل اضافي وسرڳن جو تحقيقي اپياس ڪري، ان جي حقيقت تي پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين .ٻين ٻولين جيان، سنڌي ٻوليءَ ۾ به آوازن جو اکٽ پندار آهي .پر، بنيادي آواز ٻن قسمن جا آهن .1 :سر آواز ۽ .2 وينجن .

هن مقالي ۾ صرف اضافي وسرڳ آوازن جو تحقيقي اپياس ڪيو ويندو .جيئن، انڪري سر آواز ۽ وينجن تي اچڻ کان سواءِ اضافي وسرڳن بابت اڳ ٿيل تحقيق جي آڌار ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي، چو ته تحقيق جو مقصد ئي نوان در کولڻ هوندو آهي .اضافي وسرڳن متعلق سنڌي لسانيات جي ماهرن جا تضاد رهيا آهن .ان ڪري ان موضوع تي هينئر تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي، انهيءَ جي آڌار ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهبو .صوتيات، اهڙو علم آهي، جو درياءَ جي وهڪري جيان اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ نوان دڳ کوليندو رهي ٿو .ٻوليءَ ۾ ان جو ڪجهه وڌيڪ ئي خيال رکيو ويندو آهي، جو هر هڪ ڳالهائيندڙ جو انداز، ڍنگ، اچار ڪرڻ جو طريقهءِ ڪار ساڳيو ناهي هوندو .تنهن هوندي به معياري اچارن کي ئي ترجيح ڏيڻ ضروري آهي .ان لحاظ کان اضافي وسرڳن جي اچارن تي جيڪي تضاد رهيا آهن، انهن کي سلجهائڻ ضروري آهي .اسان هاڻي جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ آهيون، جتي سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر سان سلهاڙيو ويو آهي .انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي اهڙن نازڪ معاملن کي ضرور ڪنهن نتيجي تي پهچي، هڪ معيار مقرر ڪرڻ ضروري آهي .

هتي لهجاتي فرق کان پاسو ڪندي، سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن جيڪي ٻوليءَ جون حدون مقرر ڪيون آهن، انهن ۾ وچولي واري حد يا ٻوليءَ کي معياري قرار ڏنو آهي .انڪري درسي ڪتابن کي به معياري لهجي جي آڌار هئڻ گهرجي، جيڪو گهڻي قدر آهي .باقي جيڪي مونجهاري وارا اچار آهن، انهن کي ضرور سلجهائڻ جي ضرورت آهي، جنهن کي به سنڌي لسانيات جي ماهرن جي ڪيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ ئي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي .

2. مسئلي جو بيان

سنڌي ٻاراڻي درسي ڪتاب ۾" مه، نه، ٽه، له ۽ ڑه "اضافي وسرڳن طور شامل ڪيل آهن .جيئن ته اضافي وسرڳن کي هڪ ئي آواز ڪري جاتو ويو آهي، انڪري درسي ڪتاب ۾ ان جو اچار به هڪ ئي ڪٽيو ويو آهي.

جڏهن ته اهي ڏار ڏار اکر آهن" .مه، نه، ٽه، له ۽ ڑه "جتي لفظ ۾ اچن ٿا، ان لفظ جي هجي، ڪري ڏسجي ٿو ته اهي اکر اچارڻ وقت ڏار ڏار حيثيت رکن ٿا .توڻي جو اسان کي ڳالهائيندي، ايئن لڳي ٿو ته اهي هڪ ئي آواز آهن، پر ايئن ناهي .ان تي پروفيسر مرليڏر ڪشنچند جيٺلي گهڻو اڳ تحقيق پنهنجي ڪتاب "ڏِوَني_وگيان "۾ ڪئي هئي .جنهن جو وستار اڳيان ايندو .پروفيسر ڊاڪٽر الطاف محبوب جوڪيي ان تي ماهرن جي تحقيق ۽ پنهنجي راءِ جي بنياد تي اهو واضح ڪيو آهي ته" مه، نه، ٽه، له ۽ ڑه "اضافي وسرڳ ناهن . سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ سنڌي درسي ڪتابن ۾ ڪتب آبل" مه، نه، ٽه، له ۽ ڑه " وارن لفظن جي هجي ۽ اعرابن جو جائزو پيش ڪيو ويندو .

ڊاڪٽر الطاف جوڪيي پنهنجي تحقيق ۾ ڊاڪٽر مرليڏر جيٺلي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين لسانيات جي عالمن جي ڪيل تحقيق جي بنياد تي" ڑه ۽ له "کي مرڪب آواز قرار ڏنو آهي .ان لاءِ هن درسي ڪتابَ مان اضافي وسرڳن وارا لفظ کڻي انهن جي هجي بہ ڪئي آهي .جيڪا

”ماڻ+هُو =ماڻهُو، ڪُل+هو =ڪلهو).“جوڪيو (68:2025ڪئي آهي پر، اتي اجان ب مونجهارو آهي، ته ڊاڪٽر مرلي ڏر جيٽلي پنهنجي ڪتاب” ڏوَني_وگيان “۾ جيڪا اضافي وسرگِن بابت وضاحت ڏني آهي، انهيءَ تي پاڻ ئي پورو ناهي لڏو .چو ته وضاحت ڪندي هِجي به ايئن بيهارڻ گهرجي ها، جيئن ڊاڪٽر الطاف جوڪيي بيهاري آهي .ڊاڪٽر جيٽلي، هِجي هيئنءَ بيهاري ڏو :ماڻهو) ما _ڻهُو” (ڻ “ڪي ساڪن جي نشاني ڏني اڻائين، ۽ مَلهه) م _لهَ (۾” ل) “جيٽلي، (81:2000 تي ساڪن جي نشاني ڏني اڻائين .جڏهن ته وصف ۾ مرڪب آواز ڄاڻائيندي” مهه، نهه، ٽهه، لهه،ڑهه “مان پهرئين آواز ڪي ساڪن ڪيو اڻائين .ان جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو اڳتي پيش ڪيو ويندو.

3. وسرگِ ۽ اوسرگِ جي وصف

وسرگِ ۽ اوسرگِ بابت لغتن ۾ ڏنل معنيٰ ۽ وصف.

Aspirate. noun /ˈæspərət/

a consonant pronounced with a breath that can be heard, for example the /h/ sound in *house* in English [1]

(Oxford Learner's Dictionary Online)

aspirate /ˈæspəˌreɪt/

linguistics: to pronounce (a letter or word) with the sound of a breath or the letter “h”

- The letter “h” in “house” is *aspirated*, but the “h” in “hour” is not.[2]

Online Britanica Dictionary.

aspirate, the sound *h* as in English “hat.” Consonant sounds such as the English voiceless stops *p, t,* and *k* at the beginning of words (*e.g.*, “pat,” “top,” “keel”) are also aspirated because they are pronounced with an accompanying forceful expulsion of air [3]

(Encyclopedia Britanica Online)

Aspirate.

4. ہائیہ

عام اصطلاح میں وہ صوت جسے ادا کرنے کے لیے حلقی جوف سے ہوا شدت کے ساتھ خارج کی جاتی ہے۔

اصوات۔ متجانس کی اس یا [ہ] میں اصطلاح صوتیاتی

Aspirated.

5. منفوس

[4] جائے۔ کی ادا ساتھ کے شدت کی سانس جو صوت وہ

لفظ’ وسرگ‘جي معنيٰ، مفهوم بابت آنجهاني پيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ڏو” :جن اکرن ۾’ هه ‘جو اچار سمايل آهي تنهن کي’ وسرگ اکر ‘چئبو آهي .سنسڪرت ۾’ وِ ‘معنيٰ’ پري ‘۽’ سرگ ‘معنيٰ’ اُچل .‘انهن اکرن جي اچار ڪرڻ مهل وات جي هوا اچلجي وڃي پري پوي ٿي “..
[5]

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي پوليءَ ۾ اڪيلو اهڙو شخص آهي، جنهن صوتيات تي سڀ کان پهريون ڪم ڪيو آهي، سندس ڪتاب سنڌي صوتيات انهيءَ لحاظ کان پيڙهه جي پٿر جي حيثيت رکي ڏو، اهو الڳ معاملو آهي، ته سندس ڪيل ڪم ۾ جيڪي جهول آهن، انهن کي چڱيءَ طرح واضح ناهي ڪيو ويو، تنهن هوندي به

سنڌس ڪم ٻين سنڌي لسانيات جي ماهرن کان مٿانهون آهي .باقي، سنڌس زباني ته" صوتيات تمام ڏکيو علم آهي " انهيءَ ڪري تحقيق جا در کليا پيا آهن .اڄتي نوان نوان دڳ نڪرندا ويندا .پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي وسرڳ ۽ اوسرڳ بابت راءِ پيش ڪجي ٿي ته،" هيءَ هڪ مڃيل ڳالهه آهي ته آوازن جي اچارڻ مهل ڦڦڙن کان ايندڙ هوا جو زور ڪن حالتن ۾ جهجهو ٿيندو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ گهٽ ٿيندو آهي .هوا جو زور' پيٽ جي پڙدي (diaphragm) 'جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو .جڏهن هوا جي دٻاءُ ۾ زور گهٽو هوندو آهي، ۽ ان جي لنگهه ۾ رڪاوٽ يا رندڪ پيل هوندي آهي، تڏهن انهيءَ رندڪ يا رڪاوٽ جي' هٽڻ يا ڇٽڻ 'سان، هوا جي ڦوڪ محڪم آواز جي پويان، ان سان گڏو گڏ، ٻاهر ڏوڪيندي ايندي آهي .هوا جي انهيءَ ڦوڪ کي وسرڳائي aspirationچئبو آهي[6]".

اڄتي پنهنجي ئي ڪتاب سنڌي صوتايات ۾ ڊاڪٽر غلام وسرڳن جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته،" ڇئي سگهجي ٿو ته] جهه [ۼ] گهه [يا] پ، ت، ٽ، د، ڇ ۽ ک[، مرڪب آوازن جون لکت ۾ صورتون نه آهن پر اهي به منفرد اکر آهن .انهن ۾' هـ 'حرف، ڪنهن ڏار آواز جي نمائندگي نٿو ڪري، جو ڪٽي ڇڏجي ته] ج+هـ [گڏيل يا مرڪب اکر آهي .دراصل' جهه 'حرف ۾،' هـ 'نشاني، وسرگائيءَ جي موجودگيءَ جو اهڃاڻ ڏئي ٿي، تنهن ڪري اهڙن اکرن يعني جهـ ۽ گهـ کي گڏيل يا مرڪب اکرن جون لکت صورتون سڏڻ درست نه آهي .سنڌي صورتخطيءَ ۾، نڙگهٽ واري گسٽي آواز] هـ [کي، مرڪب آواز جي لکيل صورت ۾ پويون جز تي ڪم اچڻ وقت، سچاڻپ لاءِ، مرڪب اکر جي پهرينءَ اکر متان جزم ڏني ويندي آهي .هيٺ هڪ مثال ڏجي ٿو، جنهن ۾ وسرگائي ڏيکاريندڙ' هـ '۽ مرڪب آواز جي لکت واريء صورت ۾ ڪم ايندڙ پوئين اکر' هـ 'جي پيٽ ڪئي وئي آهي:

لفظ	وسرڳ آواز جي لکيل صورت	لفظ	مرڪب آواز جي لکيل صورت
سمهي	مه	سنهي	) ن هه(
جهڪي	جهه	جَهَنم	) ج هه(
گهَرُ	گهه	گهرو	) گ هه(

مٿئين بحث مان هي نتيجو ٿو نڪري ته] ڦ، ب، مه، ٽ، ڏ، ن، ٺ، ڏ، ڻ، ڇ، جهـ، ڙهه، لهه ۽ ک، گهه[، مرڪب آوازن جون لکيل صورتون نه آهن، پر اهي حرف، منفرد وسرگ آوازن جي لکت واريءَ صورت جي نمائندگي ڪن ٿا .انهن مان مه، ن، ٽ، جهـ، ڙهـ، له ۽ گهـ ۾،' هـ 'حرف جي وسيلي، وسرگائي نمايان ڪئي وئي آهي، پريپ،ٽ،ٺ،ڊ،ڊ ۾زائد نقطا ڏيئي، انهن جي وسرگائي ظاهر ڪئي وئي آهي [7] "

ڊاڪٽر الانا صاحب سنڌي لسانيات جو تمام وڏو چاڻو هو، انڪري اسان سنڌس پيرن جي خاڪ برابر به ناهيون .!ڊاڪٽر صاحب جيڪا وضاحت ڪئي آهي ته" ڇئي سگهجي ٿو ته] جهه [ۼ] گهه [يا] پ، ڦ، ٽ، ڏ، ٺ،ڊ، ڇ ۽ ک[، مرڪب آوازن جون لکت ۾ صورتون نه آهن "اها ڳالهه بلڪل درست آهي، جو انهن ٻنهي اکرن "جهه "ۼ" گهه "ڪي هڪ ئي جهڙڪي سان اچاري سگهجي ٿو ۽ ڏنگين ۾ ڏنل اکرن ۾" هه "جي آواز ڪي محسوس ڪري سگهجي ٿو .جڏهن ته] " ڦ، ب، مه، ٽ، ڏ، نهه، ٽ، ڏ، ٺهه، ڇ، جهـ، ڙهه، لهه ۽ ک، گهه[، مرڪب آوازن جون لکيل صورتون نه آهن "انهن مان" مهه، نهه، لهه، ٺهه ڙهه "جڏهن لفظن ۾ استعمال ٿين ٿا، ان وقت انهن کي مرڪب آوازن آڏار پڙهيو ويندو آهي، جنهن ۾ پهريون اکر م، ن، ل، ڻ، ڙ "ساڪن رهندا آهن .اسان هتي سنڌس ئي پيش ڪيل مثالن کي سامهون رکي جائزو وٺون ٿا ته لفظ" سمهي "ۼ" سنهي "ساڳي انداز سان اچارجن ٿا، پر الانا صاحب انهن مان" سمهي "ڪي وسرڳي آواز جي لکيل صورت ۾ ته" سنهي "ڪي مرڪب آواز جي لکيل صورت ۾ چاڻايو آهي .

موجوده وقت ۾ پروفيسر ڊاڪٽر الطاف جوڪيي جو لسانيات ۾ ڪم اهميت جوڳو آهي، سنڌس ڪم سائنسي اصولن پٽاندر ٿيل هوندو آهي .ڊاڪٽر الطاف جوڪيي جو وسرڳ آوازن جي باري ۾ راءِ آهي ته،" وسرڳ جي حقيقت سمجهڻ لاءِ ان جي آواز مخرج ۽ ان جي صوتي (Phonemic) حيثيت جي چنڊچاڻ ضروري آهي .وسرڳ

اصل ۾ ڪنهن مخرج جي وينجن آواز ۾ ڦڦڑن مان ڏوڪ ملائڻ سبب ٻيهندو آهي، جنهن سبب هن جو الڳ ڪو مخرج ڪونه هوندو آهي، بلڪ ڪنهن مخرجي وينجن آواز ۾ ڦڦڑن جي ڏوڪ وڌائڻ سان وسرگ وينجن آواز نڪرندو آهي .مثلاً' ج 'سخت تارونءَ وارو ڳرو ڏوڪڙو آهي، يعني هن جو مخرج سخت تارون آهي؛ ساڳئي مخرج وٽ صرف ڦڦڑن جي ڏوڪ وڌائڻ سان" جهه "جو آواز نڪرندو[8] ".

ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٺلي پنهنجي ڪتاب" ڏوَني وگيان "۾ وسرگ ۽ اوسرگ بابت وضاحت ڪندي لکي ٿو ته،" جڏهن اچار_جاءِ وٽ ڪا رڪاوٽ هٿي ٿي، تڏهن هوا جيڪڏهن گهڻي مقدار ۾ ۽ ڦوڪ سان ٻاهر نڪري ٿي ته اُهي آواز وسرگي سڏجن ٿا ...اچار وقت هوا ۾ ان طرح ڦوڪ نه آهي، انهيءَ ڪري اَهڑن آوازن کي اوسرگي چئجي ٿو(9) "

سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل لسانيات جو ماهر پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي پنهنجي ڪتاب" علم لسان ۽ سنڌي زبان ۾ وسرگي ۽ اوسرگي آوازن جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته،" انهن بندشي آوازن جي ٻڌيان جيڪڏهن سر آواز شامل ٿيندو ته اُهي ڏماڪيدار (Plosives) ٿي پوندا، جيئن ته" پٽي هٽ "۾] پ [آواز ڏماڪيدار آهي؛ ٽ کي زير ڏبي ته ڏماڪيدار آواز ٽي پوندو، پر جي اُن تي جزم ڏبي ته ساڪن يعني غير متحرڪ ٿيندي ۽ ان حالت ۾ سندس آواز بندشي (Stop) ٿي پوندو] :ت [ڏماڪيدار آواز آهي .ٽ جو آواز زير جي حالت ۾ ڏماڪيدار ٿيندو نه ته بندشي .مٿيون جملو جيئن عام ڳالهائڻ ۾ استعمال ٿئي ٿو، ان موجب ٽ ۽ ٽ جا آواز بندشي آهن.

مٿين ڏماڪيدار آواز ۾ هڪڙا اُهي آواز آهن، جن جي ڏماڪي سان گڏ هوا جي ڏوڪ (Puff) شامل ٿئي ٿي ۽ ٻين ۾ نٿي ٿئي .پ / ڦ جوڑي مان پ ۾، ب / پ جوڑي مان پ ۾، ت / ٹ جوڑي مان ٹ ۾، د/ڈ جوڑي مان ڈ ۾، ٽ/ٹ جوڑي مان ٹ ۾، د/ڊ جوڑي مان ڊ ۾، چ/ڇ جوڑي مان ڇ ۾، ج / جه جوڑي مان جه ۾، ڪ / ک جوڑي مان ک ۾ ۽ گ / گه جوڑي مان گه ۾ هوا جي ڏوڪ ڏماڪي سان گڏ شامل آهي .انهن آواز ۽ آوازن کي وسرگ (Aspirated)سڏبو آهي .جن آوازن ۾ اها وسرگائي (aspiration) نه هوندي آهي، تن کي اوسرگ سڏبو آهي ". (10)

ماهرن جي راين کانپوءِ اهو چئو ٿي ٻيئو آهي، ته آواز اچارڻ وقت جڏهن هوا جي ڦوڪ ٻاهر ٿئي ٿي ته اهڑن اکرن کي وسرگي آواز چئجي ٿو، ۽ جتي اها ڦوڪ رکي ٿي ۽ ٻاهر نٿي نڪري اهڑن آوازن کي اوسرگي مطلب ته اچل سان ٻاهر نه ايندڙ آواز چئبو آهي .

6. اضافي وسرگن بابت لسانيات جي ماهرن جا رايا

عربي -سنڌي آئيوٽا جي باقاعده ترتيب تي مخدوم ابوالحسن نئين توجهه ڏنو .پروفيسر عبدالڪريم لغاري پنهنجي ڪتاب' سنڌي الف بي جي ارتقا '۾ 1327 هجري ۾ ڪريمي پريس بمبئيءَ جي ڇپيل ابوالحسن جي سنڌيءَ واري قاعدي جو عڪس ڏنو آهي، جنهن ۾ اٺ مرڪب اکر ڪري ڄاڻايل آهن :جهه، گهه، ڙهه، لهه، نهه، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته اهي بعد ۾ سڌاريل ۽ سنواريل آهن .ذڪر ڪرڻ جو مقصد ته ان وقت جي عالمن مان جن به ان آئيوٽا کي سڌاري پيش ڪيو، تن جي نظر ٻوليءَ جي آوازن تي ضرور هئي .ان قاعدي ۾ اهڙا اکر به رکيا ويا جيڪي هينئر به ٻڌيءَ / آئيوٽا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آتا آهن[11] .

ساڳئي مسئلي تي پيرومل مهرچند آڏواڻي به بحث ڪندي لکي ٿو ته" لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا "۾ گريئرسن ڄاڻايو آهي ته ڪشمير طرف داردڪ ٻولين ۾ نرم وسرگ اکرن گهه، جهه، ڊ، ڏ ۽ ب کي اوسرگ ڪندا آهن، يعني منجهائن هه جو اچار ڪڍي چڏيندا آهن .لاڙي ٻولي به انهيءَ ڳالهه ۾ داردڪ ٻولين سان مشابهت رکي ٿي، جيئن:

- گهه =ڍگهو بدران چون ڍگو، گهٽو بدران چون گٽو، گهر بدران چون گر، گهوڙو بدران گوڙو
- جهه = جهجهو ۽ وجهوس بدران چون ججو ۽ وجوس.
- ڊ =ڪڍُ بدارن ڪڍُ، ننڍو بدران ننڍپ، ريڍار بدران ريڍار .
- ڙهه = چڙهيو بدران چڙيو ۽ ماڙهو بدران ماڙو.

- ڈ = ڈيءَ بدران دي، لڏو بدران لدو ۾ پنڈ بدران پند.
- پ = پاڻ بدران با، پريو بدران بريو، پيٽ بدران بيٽ ۾ پوت بدران بوت.
- ٺ = ماٺو بدران ماٽو پٺهي بدران پٽي.
- رهـ = ورهين کان بدران ورن کان.
- وهـ = اوهين بدران اوين ۾ توهين بدران توين.

آنجهاني پيرومل اڳتي لکي ٿو ته" :هـ "جي اچار بابت سر گريئرسن جي ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندو ته لاڙجا ماٺهو نه رڳو وسرگ اکرن مان" هـ "جو اچار ڪيڊي چڏيندا آهن، پر" هـ "اکر ڏار هوندو آهي، ته به اهو ڪونه اچارينداآهن .اها عادت لاڙ جي ماٺهن ۾ سچ پچ ايتريقدر زور آهي جو" آهيان "بدران چون آيان، ٻاهر بدران" ٻار"،" ٺهلرام "بدران "ٿيلرام"،" رحمت الله "بدران" ريمت لا "۾ لوهـ بدران" لو ."لاڙ جا مسلمان جيتوٽيڪ ايتريقدر" هـ "سان هاجو نٽا ڪن، ته به انهيءَ عادت کان صفا آجا ڪينهن[12] ".

مرزا قليچ بيگ پڻ ان خيال جو هو ته" :جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن، جن ۾" هـ "آواز سان گڏيل اکر آهن، جي" هـ "سان لکڻ ۾ ٽا اچن، تڏهن الف-بي ۾ ائين ڪرڻ گهربو هو، جيئن ته :ڳالهه، ملهه وغيره ۾ لام سان گڏ" هـ "جو آواز آهي، مڙهـ، ڪڙهـ، وڙهڻ وغيره ۾" ڑ "سان گڏ" هـ "جو آواز اچي ٿو .سنهو، اونهون، ٻانهون وغيره ۾" ن "سان گڏ" هـ "جو آواز اچي ٿو[13] .

ڈاڪٽر هدايت پريم به ڏهن وسرڳن ۾ اضافي وسرڳن کي مفرد ڄاڻائيندي لکي ٿو" :صاف ظاهر آهي ته وسرگ آواز مرڪب نه، پر مفرد آواز آهن .سنڌي ٻوليءَ جا وسرگ آواز هي آهن :ڦ، پ، ٽ، ٺ، ڏ، ڍ، ڇ، جهه، ڪ، گهه، ڑهه، نهه، ٺهه، لهه ۾ مهه[14] "

ڈاڪٽر غلام علي الانا سنڌي صوتيات تي سڀ کان وڌيڪ مسلسل ڪم ڪندو رهيو آهي .

ڈاڪٽر بلوچ هڪ علمي ادبي خط ۾ طالب المولىٰ کي مخاطب ٿيندي لکي ٿو ته" :سنڌي جي پ، ڏ، ڍ، جهه ۾ گهه صوتين ۾ ادغام جي حالت ميل واري آهي، هه انهن صوتين جي اندر پيڻ ۾ آهي جو جيتوٽيڪ ڏسجي ڪانه ٿي پر تنهن هوندي به هضم نه ٿي چڪي آهي .جئن ته مخفي صورت ۾ ان جو وجود باقي آهي، انهيءَ ڪري انهن صوتين پويان پي هه نه ايندي؛ يعني ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪو ورلي لفظ هوندو جنهن ۾ پ، ڏ، ڍ ۾ جهه يا گهه جي پويان هه جو اچار به هجي .انهن صوتين ۾ هه جي وجود جي لحاظ سان، انهن جي لکيت ۾ گهه، جهه، واريون صورتون مناسب آهن .بهتر ائين هو ته پ، ڏ ۾ ڍ، ک) کي (بهه، دهه، ۾ ڍهه جي صورتن ۾ لکجي ها .جن صوتين ڏانهن اوهان ڏيان چڪايو آهي _يعني ڑهه، له، مه، نه ۾ ٺه _ سي به ميل واري ادغامي صورت وارا آهن " [15]

ڈاڪٽر بلوچ جي انهيءَ راءِ کي تسليم ڪندي، ڈاڪٽر الطاف جوڪيي پنهنجي مقالي" سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن جي حقيقت "۾ واضح ڪيو ته :ظاهر آهي ته انهن جي هجي به" هه "ڄاڻائڻ سان ٿيندي، جيئن جهه ۾ گهه ۾" جيم "۾" هي "الڳ الڳ اچاري هجي نه ڪندا آهيون، بلڪه" جهه "اکر لاءِ ستو) جهي (ئي ڪيڊندا آهيون، اهڙي نموني ڪلهو ۾ ماٺهو به هيئن هجي ڪرڻ ڪپي:

- ڪاف پيشَ ڪُ لهي واو لهو =ڪلهو
- ميم الف ما ٺهي واو پيشُ ٺهُ =ماٺهو[16]

ڈاڪٽر بلوچ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ماهر رهيو آهي، جيئن ته صوتيات هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي ٻوليءَ جا عالِمَ هر وقت ڪم ڪندا رهيا آهن .ڈاڪٽر بلوچ به اضافي وسرڳن ۾ هڪ اکري وسرڳن ۾ به اکري وسرڳن تي ڪم ڪندو رهيو آهي .ٻوليءَ جي نزاڪتن کي ڏسندي جيڪا ڳالهه پهريون ڪئي آهي، انهيءَ کي حرفِ آخر ناهي سمجهيو .بلڪه جيئن جيئن نئين تحقيق سامهون آئي آهي، پنهنجي راءِ کي تبديل ڪندو رهيو آهي .

پنهنجي ئي ٻئي ڪتاب" سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي "جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته ..." :اڳيان عالم، انهن سنڌي اچارن لاءِ جن ۾' ر 'جو آواز سميٽيل هو تن لاءِ' ر 'وڌائي لکندا هئا، جيئن :چنبر، پُتر، ڪنبر وغيره، پر حيدرآبادي محاوري ۾ اهڙا لفظ چنڊ، پُٽ، ڪنڊ ڪري اچاربا هئا .انهيءَ ڪري ڪتابن ۾ پڻ انهن اچارن سان' ر ' کان سواءِ لکيا ويا .اهڙيءَ طرح' هه 'سان سميٽيل اچارن ڙھ، مه، له، نه، ٺه وغيره کي سرڪاري طور منظور ٿيل الف –بي ۾ مستقل اچارن طور شامل ڪونه ڪيو ويو، جنهنڪري نئين صورتخطيءَ ۽ ان جي هجي ۾ اُهي اچار غلط نموني ۾ رائج ٿيا .....اهڙيءَ طرح، سنڌيءَ جي مزاج وارن' ي 'سان سميٽيل اچارن ....کي صورتخطيءَ ۾ صحيح هجي سان بيهارڻ طرف ڌيان نه ڏنو ويو، انهيءَ ڪري باوجود انهيءَ جي، جو سنڌي صورتخطي ڪنهن حد تائين معياري ٿي، مگر ان جي مختلف مسئلن کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ جي ضرورت پوري نه ٿي[17] ".

ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٺلي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ جي اچارن تي مستقل ڪم ڪندا رهيا آهن، انڪري سندن تحقيق ۾ ايندڙ اچارن ۾ واڌارا سڌارا ايندا رهيا آهن .انهيءَ جي لاءِ پهرين ڊاڪٽر بلوچ "مه، نه، ٺه، له ۽ ڙھ "کي مفرد يا ادغامي آواز سڏيو، بعد ۾ مرڪب انهيءَ جي لاءِ ڊاڪٽر الطاف جوڪيو لکي ٿو ته" :ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي، پٽيءَ ۾ ڇاڪاڻ ڏهن وسرڳن) پ، ٽ، ٺ، جهه، چ، ڌ، ڍ، ڦ، ک ۽ ڳهه (کي مفرد وسرڳ ڇاڪاڻ ٿا، جڏهن ته" ڙھ، له، مه، نه ۽ ٺه "کي مرڪب صوتيا cluster) (consonantsسمجهن ٿا .ڊاڪٽر جيٺلي اضافي وسرڳن بابت لکي ٿو ..." :اهي حقيقت ۾ ٻن صوتين جو ميل (Conjunct Consonants)آهن[18] ".

ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٺلي سميٽيل آوازن جي لاءِ لکي ٿو ته" :جيڪڏهن ڪو پاڻا وگياني، سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ بندشي وينجنن ۾ اوسرڳي ۽ وسرڳي ڏونين وچ ۾ فرق هجڻ جو پَترن ڏسي ٿو) پ _ڦ، ب_پ، ت _ٽ، د _ڈ، ٽ _ٺ، ڊ _ڍ، ک _ڪ، گ _ڳهه، ج _جهه، چ _ڇ (ته انهيءَ جي طرز تي هو اهڙن ڪن وينجنن جي ميل کي به ڏوني تات جو درجو ڏئي ٿو جنهن ۾ ٻيو وينجن] هـ [آهي .جيئن ته مه، نه، ٺه، له، ڙھ حقيقت ۾ آوازن جي پيدائش جي خيال کان وسرڳ يا مهاپراڻ اچار (aspiration) ۾ گڏيل وينجنن ۾ ڦٽيان ايندڙ] هـ [وينجن جي اچار ۾ گهٽو فرق آهي .اهڙن گڏيل وينجنن جا ٻيا به گهٽيئي مثال آهن، جن ۾ ڦٽيون وينجن] هـ [آهي .انهيءَ ڪري] هـ [جي اڳيان ايندڙ ٻئي وينجن جي ميل کي ڏوني –تتن جي چارٽ ۾ ڏيئي، سنڌيءَ جي ڏوني –تتن جو تعداد وڌائڻ جي ڪابہ ضرورت نه آهي .ان طريقي کان بهتر ۽ صحيح ڇيد اهو آهي تہ اهڙن مثالن کي گڏيل وينجنن (conjunct consonants) جي لسٽ اندر شمار ڪجي[19] ".

پروفيسر جيٺلي پنهنجي ٻئي مضمون" سنڌي ٻوليءَ جي ڪي خاصيتون "۾ واضح ڪيو آهي ته : "پروفيسر علي نواز جتوئي،' علم لسان ۽ سنڌي زبان '۾، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا' سنڌي صوتيات '۾ /مه، نه، ڙھ، له، ٺه /کي وينجن صوتين جي چارٽ ۾ ڏيکاريو آهي، اهي حقيقت ۾ ٻن صوتين جو ميل (Conjunct Consonants)آهن[20] ".

پروفيسر ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٺلي پنهنجي لسانياتي ڪتاب" ڏِوَني _وگيان "۾ لکيو آهي ته" ڙھ، له، مه، نه ۽ ٺه "گڏيل صوتيه آهن .انهن کي ڌار ڌار مڃڻ گهرجي .انڪري جتي به لفظن ۾ اهي وارد ٿين ته اتي انهن جو آواز به الڳ تسليم ڪرڻ گهرجي .ان جي لاءِ لکي ٿو ته" :ڪن عالمن سنڌي وينجنن جي چارٽ ۾ هيٺ ڏنل وينجن به شامل ڪري ڇڏيا آهن .اهي سادن يا مفرد وينجن' ڏوني –تتن 'جي چارٽ ۾ ڏيڻ نه گهرجن، ڇاڪاڻ ته اهي به گڏيل وينجن آهن، جن جي ڦٽيان ايندڙ وينجن' هـ 'عليحدو آهي .ان جو اچار ک، جه، ڦ، پ وغيره وسرڳي وينجنن ۾ زور سان نڪرندڙ ڦوڪ يا هوا واري اچار کان نرالو آهي، مه، نه، ٺه، له، ڙھ[21]".

ڊاڪٽر جيٺلي مٿي جيڪا وضاحت پيش ڪئي آهي، ان جي لحاظ کان" ڙھ، له، مه، نه ۽ ٺه "الڳ الڳ اچار ڪرڻ گهرجن، جي اهي گڏيل آواز طور ڌار ڌار صوتين جي حيثيت رکن ٿا .جنهن جي لاءِ پاڻ لکي ٿو ته : ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي هجي جي باري ۾ لکي ٿو ته" :جڏهن ڪنهن لفظ ۾ به يا ٻن کان وڌيڪ اکر هوندا آهن، تڏهن

اُچار ۾ جتي ساهي يا هلڪي وٿي (syllabic Pause) هوندي آهي، انهيءَ موجب لفظ کي جدا جدا اکرن ۾ ورهائبو آهي .جيئن ته -

چمچو) چم _چو) (چَ + مچو غلط اچار آهي (
ماڻهو) ما _ڻهو) (ماڻ + هو غلط اچار آهي (
ملهه) مَ _لهَ ( ) مَل+ هَ غلط اچار آهي[22])

ڈاڪٽر غلام علي الانا سچ چيو آهي ته" صوتيات هڪ ڏکيو علم آهي)"سنڌي صوتيات (9:2009 انهيءَ کري جو صوتيات تي ڪم ڪندي انتهائي ڏيان سان آوازن جو مطالعو ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، ۽ اسان جيڪا وصف مقرر ڪيون ٿا، ان مطابق پورو لهڻ به ضروري هوندو آهي .ڈاڪٽر مرليڏر جيٿلي جيڪا وصف مقرر ڪئي آهي، يا ڪٽي جيڪي لفظ مثال ۾ پيش ڪيا آهن .انهن جي هجي ڪرڻ ۾ پاڻ به مونجهاري جو شڪار رهيو آهي .جيڪي مٿي ڏنل سندس مثالن مان واضح آهي .ڈاڪٽر جيٿلي جيڪي لفظ هجي ڪرڻ ۾ جوڙ توڙ ڪيا آهن، انهن مان) چمچو لفظ کي ٺوڙيندي چم+ چو م کي جزم جي نشاني ڏئي ساڪن ڪري هجي ڪيو آهي، جيڪو درست آهي .ماڻهو لفظ ۾ هجي ڪندي مونجهاري جو شڪار آهي .چو ته جتي ساهي يا هلڪي وٿي (syllabic pause)آهي، اهاً" ماڻ "تي اچي ٿي ۽ ٻيو پد" هو "شروع ٿئي ٿو .جڏهن ته پاڻ ڈاڪٽر جيٿلي صاحب جتي غلط اچار لکيو آهي، اتي پاڻ ئي" ماڻ "جي" ڻ "کي جزم) ساڪن (جي نشاني ڏني آهي .انکري اتي) ماڻ+هو (هجي صحي ٻيهندي .ٿئين لفظ" ملهه"جي" ل "کي به ساڪن ڪري" آخري" هه "تي زبر جي نشاني ڏني آهي .جيڪا درست هجي آهي، پر پاڻ غلط اچار لکي ويهي رهيو!

تحقيق هميشه نوان رخ سامهون آڻيندي آهي، پراڻي خيال کي رد ڪري نئين خيال کي دليل سان واضح ڪرڻ ئي حقيقي تحقيق جو معيار آهي .ڈاڪٽر الطاف جوکيو به اهڙو ئي جاکوڙي انسان آهي، جنهن هڪ دفعو راءِ ڏئي ڇڏڻ ٻڌي نه ويٺو، بلڪه تحقيق ڪندو رهيو ۽ سائنسي بنيادن تي آواز ۽ هجي جي جوڙ توڙ ڪندو رهيو آهي .انهيءَ ڪري پاڻ جيڪو 2008 ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مقالو لکيائين .ان مقالي ۾ ڈاڪٽر بلوچ جي ڪيل ڇالهه آڌار "ڻهه، مهه، نهه، لهه، ڙهه "کي هڪ جهڙڪي سان شدتي آواز سمجهندي اونئن ئي هجي ڪيائين، جيئن ڈاڪٽر بلوچ ، پر ان خيال کي دليلن سان رد ڪندي، اضافي وسرڳن کي ڈاڪٽر مرليڏر جيٿلي جي ٻڌايل ٻئراميٽر تي جانچڻ شروع ڪيائين ۽ ان مطابق اضافي وسرڳن جو لفظن ۾ ڇيد ڪيائين، جيڪو هن ريت آهي.

- **ماڻهو)** پد :ماڻ + هو(،) آواز :م + ڻ + آ، هـ + او (ماڻهو.

)جڏهن' م '۽' ڻ 'کي گڏي مد جو آواز ملائبو ته اهو مد' م 'جو رهندو ۽' ڻ 'ان سان ساڪن صورت ۾ ملندي .هجي :مـ -الف -ڻ = ماڻ، هـ -و -پيش = هو ماڻهو.(

مَلهه) پد :مَل + هه،) آواز :م + ل + اَ، ه+ اَ (مَلهَ) .جڏهن' م '۽' ل 'کي گڏي زبر جو آواز ملائبو ته اها زبر' م 'جي رهندي ۽' ل 'ساڪن رهندو .هجي:م _ل _زبر = مَل، هه_زبر = هَ، مَلهَ[23] (

ڈاڪٽر الطاف جوکيو، پرفيسر علي نواز جتوئي جي ڪتاب علم لسان سنڌي زبان ۾ پيش ڪيل اضافي وسرڳن جي هِجي بابت لکي ٿو ته" :هن حوالي سان پروفيسر علي نواز جتوئيءَ' مه، نه ۽ ٽه 'کي وسرڳن ۾ شمار ڪري، ان لاءِ صوتيتي ڇيد ۾ چند لفظ ڏنا آهن، جيڪي اصولي طور صوتيي (phoneme) جي زمري ۾ نه ٿا اچن .صاحبِ موصوف ڇاڪائي ٿو" :ماڻي ۽ ماڻهين مان/ ڻ /۽/ نه /صوتيا ملن ٿا، سَمي ۽ سُمهي مان/ م /۽/ مه / صوتيا ملن ٿا، سَنا ۽ سَنها مان/ ن /۽/ نه /صوتيا ملن ٿا [24]".

ڈاڪٽر الطاف جوکيو پنهنجي هڪ ٻئي مقالي" سنڌي وسرڳن جي حقيقت "۾ صوتين جي وضاحت ڪندي ڪجهه لفظ ڏنا آهن ۽ انهن ۾ صوتياتي فرق کي به واضح ڪيو آهي جيڪو هن ريت آهي .

ڙ	ڪوڙُ =تاجي ڪيڙ لاءِ ميدان ۾ڪوڙيل ڪلن جي قطار، تاجي ڪيڙ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٿي، ڪروڙ	ڙهه	ڪوڙهُه =بدن تي اڇا داغ ڪندڙ هڪ وڇڙندڙ بيماري
ل	ڪَلَ =سڏ، ڇاڻ، انجڻ، اٽي جي ڳوهه	لهه	ڪلهه =گذريل ڏينهن

(25)

جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو ته لفظ پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي جي پيش ڪيل لفظن ۾ ٻن هنڌ صوتيتي فرق اچي ٿو، تنهن هوندي به بنيادي آواز جن کي هتي لفظن ۾ جانچڻو آهي، انهن ۾ معنوي فرق نظر اچي ٿو .مان هتي انهن ئي لفظن کي کڻي معنيٰ لکي واضح ڪيو آهي .اهي ڪيترا قابل قبول آهن، اهو اسان کي تڏهن خبر پوندي، جڏهن انهن لفظن کي جملن ۾ لکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين .باقي، سنا ۽ سنها ۾" سنا "جي ڪا معقول معنيٰ نڪري .

ڻ	ماڻِي =حاصل ڪئي .	ڻهه	ماڻهين = هن لفظ کي جملي ۾ واضح ڪري سگهجي ٿو، جيئن :ماڻهين کي وجي منهنجو نياپو ڏي .ان نسبت ماڻهين لفظ جي معنيٰ" پنهنجي ماءُ "ٻيهي ٿي .
م	سَمي =وقت، ذات) سمو(مهه	سُمهي =ننڊ ڪرڻ .	

7. سنڌي درسي ڪتابن ۾ ڏنل اضافي وسرگن وارا لفظ

"سنڌي پاراٽو ڪتاب "ڪچي پهرئين ۾ پارن جي لاءِ اهم ترين ڪتاب آهي، جنهن ذريعي پار هوليءَ جا آواز ڳالهائڻ سکندا آهن .انهيءَ درسي ڪتاب ۾ جيڪي اضافي وسرگن سان لفظ ڏنا ويا آهن، هتي انهن جو مختصر اپياس ڪجي ٿو ته چا اهي آواز سنڌي لسانيات جي ماهرن جي ٻڌايل اصولن تحت ڏنا ويا آهن يا نه !هڪ ڏگهي عرصي کان اضافي وسرگن بابت بحث هلندو رهيو آهي، جنهن جو مختصر جائزو مٿي پيش ڪيو آهي .

مبر شمار	لفظ	سبق نمبر	صفحو نمبر	مسئلو	نئين تحقيق موجب حل
	ڪلهو	نجويهون	4	ڪلهو جي هجي جو مسئلو . ڪتاب ۾ ڪُ+لهو هجي ٿيل هي،	ڪُل+هو)ڪُل، هو (ڪل،' ل ،ساکن، هه متحرڪ+او سر آواز) .ڪاف، لام پيش ڪُل، هو = ڪلهو(
0	لَهه	نجويهون	4	لَهه جي هجي جو مسئلو . ڪتاب ۾ مَ+لَهه هجي ٿيل آهيئ	ل+هَ = مَلهَ) مل، هه (ل،' ل ،ساکن ٿيندو،' هه ، تحرڪ+اَ سر آواز) .ميم لام زبر ل+هَ (مَلهَ
0	ڙهه	نجويهون	4	ڙهه جي هجي جو مسئلوئ ڪتاب ۾ آخري اکر' هه ، تحرڪ ٿيڻ گهرجي	ڙ+هُ =وڙهُ) وڙ،هُ (ڙ،' ڙ ،ساکن ٿيندو،' هُه ، تحرڪ+ اُ سر آواز) .واو ڙي ير وُڙ+هُ (وڙهُ
0	ٻُمهه	نجويهون	4	ٻُمهه جي هجي جو مسئلو . ڪتاب ۾ ميم کي متحرڪ ڪري هه کي ساکن ويو آهي، جيڪا' متحرڪ ،ٿيڻ گهرجي	ٻُم+هُ) = سمُ،هُ(ٻُم،' م ،ساکن ٿيندو،' هه ، تحرڪ+اُ سر آواز) .سين ميم ش سُم+هُ (سُمهُ
0	وڙهو	نجويهون	4	وڙهو جي هجي جو مسئلو ڪتاب' ڙ ،کي متحرڪ ڪري هه ،جو آواز ان ۾ سميٽيو ويو هي .	وڙ+هو)= پوڙ،هو (وڙ،' ڙ ،ساکن ٿيندو،' هه تحرڪ+او سر آواز) پي واو ڙي وڙ+هي واو، هو (پوڙهو.
0	ماڻهو	نجويهون	4	ماڻهو جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾' ما،' ڻهو ،هجي ڪيل هي .	ماڻ+هو) =ماڻ، هو(ماڻ ۾' ڻ ،ساکن ٿيندو،'هه تحرڪ+اُو سر آواز) ميم الف ٽي ماڻ+ هي واو پيش، هُو (ماڻهُو.

10	ڙهون	نجويهون	41	ڙهون جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’پَ‘،’ ڙُهون ‘هجي ڪيل آهي .	ڙ+هُون) = پَڙ +هُون .(ڙ ۾ ’ ڙ ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ + اُون سر آواز) پي ڙي زبر پَڙ، هي واو نون پيش هُون (ڙهُون .
11	ڙُهه	نجويهون	41	ڙُهه جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’ چَ‘ ‘ڙُهه ‘هجي ڪيل هي .	ڙ+ هه) = چَڙ +ههُ (ڙ ۾ ’ ڙ ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ + اُ سر آواز) چي ڙي زبر ڙ، هي پيش هُ (چَڙهُ .
12	ڳالِهه	نجويهون	41	ڳالهه جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’ ڳَا‘ ‘لِهه ‘هجي ڪيل هي .	ڳال+هِ) = ڳَالهِ (ڳال ۾ ’ ل ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ+ اِ سر آواز) ڳي الف لال =ڳال، هي زير هِ (ڳالهِ
13	ڳاڙها	نجويهون	41	ڳاڙها جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾’ڳَا‘ ‘ڙها ‘هجي ڪيل هي .	ڳاڙ+ها) ڳاڙها (ڳاڙ ۾ ’ ڙ ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ+آ سر آواز) ڳي الف ڙي ڳاڙ، ها (ڳاڙها .
14	ڪالَهه	نجويهون	41	ڪالهه جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’ ڪا‘ ‘لَهه ‘هجي ڪيل هي .	ڪال+هَ) ڪالهَ (ڪال ۾ ’ ل ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ+اَ سر آواز) ڪاف الم لام ڪال، هَ (ڪالهَ
15	سوڙهو	نجويهون	41	سوڙهو جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’ سو‘ ‘ڙهو ‘هجي ڪيل آهي .	سوڙ+هو) سوڙهو (سوڙ ۾ ’ ڙ ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ+ او سر آواز) سين واو ي، سوڙ، هي واو هو (سوڙهو .
16	اڙهون	ستاويهون	45	اڙهون جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’ ڏا‘ ‘ڙهون ‘هجي ڪيل آهي .	اڙ+هون)= ڏاڙهون (اڙ ۾ ’ ڙ ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ+اُون سر آواز) ڏال الف ي ڏاڙ، هي واو نون پيش هُون = اڙهُون .
17	ڙهڻَ	وڻتيهون	47	ڙهڻَ جي هجي جو مسئلو ڪتاب ۾ ’ پَ‘ ‘ڙهه‘ ‘ڻَ ‘هجي ڪيل آهي .	ڙ+هَه+ڻَ) = پَڙهَڻَ(ڙ ۾ ’ ڙ ‘ساڪن ٿيندو،’ هه تحرڪ+اَ سر آواز،’ ڻَ= ‘پَڙهَڻَ
18	ڙهُون	وڻتيهون	47	رست هجي سان لکيل آهي .	ن لفظ جي هجي ڪتاب ۾ درست نل آهي .

انهن سڀني لفظن ۾ اضافي وسرگ ڪتب آيل آهن .جن کي هاڻي مٿي بحث ڪيل ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر جيٺلي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر الطاف جي تحقيق آڏار هجي ڪري آوازن جو تعين ڪيو ويو آهي .درسي ڪتابن ۾ ڀارن لاءِ آساني پيدا ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي، ته اسان کي لسانيات جي ماهرن جي روشنيءَ ۾ نئين تحقيق موجب نوان فيصلا ڪرڻ گهرجن .سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پنهنجو مزاج آهي .انهيءَ آڏار جيڪي لفظ آخر ۾ متحرڪ ٿين ٿا، انهن کي لازمي متحرڪ ڪري پڙهايو وڃي، جهڙوڪ :سُمهڻُ، پَڙهڻُ، ڳالهڻِ، ڪالهڻَ، چَڙهڻُ ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا لفظ آهن .انهن لفظن جي اچارن تي جڏهن غور ڪجي ٿو ته آخر ۾ متحرڪ ٿين ٿا .انڪري انهن لفظن کي لازمي لساني ماهرن جي راين جي روشنيءَ ۾ نئين هجي جي آڏار ئي درسي ڪتابن ۾ داخل ڪري پڙهائڻ گهرجن .جيئن ته اڳيئي واضح ٿي چڪو آهي ته لسانيات هڪ اهڙو عِلمُ آهي، جنهن ۾ مسلسل نيون نيون

شيون سامهون اچن ٿيون .انڪري آوازن جي بنيادن تي اسان کي نئين هِجي کي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ درسي ڪتابن ۾ به اهڙيون تبديليون لازم ڪرڻ گهرجن .

حوالا :

1. آنلائن آڪسفورڊ لرنرس ڊڪشنري
2. آنلائن برٽينيڪا ڊڪشنري .
3. آنلائڊ انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا .
4. ڈاڪٽر الاهي بخش اختر اعوان، ڪشافِ اصطلاحاتِ لسانيات .ص63 ، سال1995 ع، مقتدره قومي زبان
5. پيرومل مهرچند آڏواڻي، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ص08 ، سال1985 ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو .
6. ڈاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي صوتيات، ص77، سال2009 ع، سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.
7. ڈاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي صوتيات، ص79، سال2009 ع، سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
8. ڈاڪٽر الطاف جوڪيو، مقالو :وسرڳن جو اپياس، سنڌي هولي جنرل، ص76، سال2008ع، سنڌي هوليءَ جو باختيار ادارو، حيدرآباد .
9. ڈاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٺلي، سنڌي ڊِوَني_وگيان، اڪٽ پارتيہ سنڌي ساهتيہ، ص72 ، سال2000ع، دهلي .
10. پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي، علم لسان سنڌي زبان، ص62، سال2018 ع، سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد .
11. ڈاڪٽر الطاف جوڪيو، مقالو :وسرڳن جو اپياس، سنڌي هولي جنرل، ص77، سال2008ع، سنڌي هوليءَ جو باختيار ادارو، حيدرآباد .
12. پيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌي هوليءَ جي تاريخ، ص116_115، سال2018ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
13. مرزا قليچ بيگ، سنڌي وياڪرڻ، ص203،سال1992ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو .
14. هدايت پريم
15. ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ، هڪ علمي ادبي خط) طالب المولیٰ ڈانهن (سماهي"سنڌ، اونهارو، ص262، سال 1983ع، سنڌ اسٽڊي سينٽر، حيدرآباد.
16. ڈاڪٽر الطاف جوڪيو، مقالو :وسرڳن جو اپياس، سنڌي هولي جنرل، ص79، سال2008ع، سنڌي هوليءَ جو باختيار ادارو، حيدرآباد .
17. ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي، ص15، سال1992 ع، سنڌي هوليءَ جو بااختيار ادارو .
18. ڈاڪٽر مرليڌر جيٺلي، سنڌي هوليءَ جون مکيہ خاصيتون، ايڊيٽر :نفيس احمد شيخ، ٿماهي مهراڻ، گولڊن جوبلي نمبر ج)56 :ش2 :۽(3 ص132_128 :، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو .
19. ڈاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٺلي، سنڌي ڊِوَني_وگيان، اڪٽ پارتيہ سنڌي ساهتيہ، ص47 ، سال2000ع، دهلي .
20. ڈاڪٽر مرليڌر جيٺلي، سنڌي هوليءَ جون مکيہ خاصيتون، ايڊيٽر :نفيس احمد شيخ، ٿماهي مهراڻ، گولڊن جوبلي نمبر ج)56 :ش2 :۽(3 ص132_128 :، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو .
21. ڈاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٺلي، سنڌي ڊِوَني_وگيان، اڪٽ پارتيہ سنڌي ساهتيہ، ص53 ، سال2000ع، دهلي .
22. ڈاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٺلي، سنڌي ڊِوَني_وگيان، اڪٽ پارتيہ سنڌي ساهتيہ، ص81 ، سال2000ع، دهلي .

23. ڈاڪٽر الطاف جوڪيو، سنڌي صورتخطيءَ ۾ ٻہ اکري وسرڳن جو تحقيقي اپياس، ص67،2025 ع، سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ اصلوڪي جاڻ ۽ ورثِ جي ذريعي طور ٻولي) ٻين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس جا مقالا (مرتب :اسحاق سميجو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد.
24. پروفيسر علي نواز حاجن جتوئي، علم لسان سنڌي زبان، ص 72_71سال2018 ع، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد .
25. ڈاڪٽر الطاف جوڪيو، مقالو :وسرڳن جو اپياس، سنڌي ٻولي جنرل، ص85، سال2008ع، سنڌي ٻوليءَ جو باختيار ادارو، حيدرآباد .